# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1993

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1994

# انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر ايٽ ڪراچي آرڊيننس، 1993

# THE INDUS VALLEY SCHOOL OF ART AND ARCHITECTURE AT KARACHI ORDINANCE, 1993

## (CONTENTS) فهرست


(Preamble) تمهيد

(Sections) دفعائت

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اسڪول جو قيام
Establishment of the School

4. اسڪول سڀن لاءِ کليل هوندو
School open to all

5. اسڪول جو مقصد، اختيار ۽ ڪم
The Purpose, Powers and functions of the School

6. اسڪول جڏ عملدار

Officers of the School

7. سرپرست

The Patron

8. بورڊ آف گورنرس جو چيئرمين

Chairman of the Board of Governors

9. معائنو

Visitation

10. ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين

The Chairman of the Executive Committee

11. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر

The Executive Director

12. اٿارٽيز

Authorities

13. بورڊ آف گورنرس

Board of Governors

14. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Board

15. بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

16. ايگزيڪيوٽو ڪميٽي

The Executive Committee

17. اڪيڊمڪ ڪميٽي

Academic Committee

18. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي

Finance and Planning Committee

19. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار

Constitution, Functions and Powers of other Authorities

20. اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري

Appointment of Committees by the Authorities

21. قانون

Statutes

22. ضابطا

Regulations

23. قاعدا

Rules

24. اسڪول فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

The School Fund, Audit and Accounts

25. ملازمت تان رٽائرمينٽ

Retirement from Services

26. سبب ڄاڻائڻ جو موقعو

Opportunity to show cause

27. اپيل ۽ بورڊ طرفان نظرثاني

Appeal to and Review by the Board

28. پينشن، انشورنس، گريجوئٽي، پروويڊنٽ ۽ بينيوولينٽ فنڊ

Pension, insurance, gratuity, provident and benevolent fund

29. اختيارين جي ميمبرن جي مدي جي شروعات

Commence of term of members of authorities

30. اختيارين ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي

Filling of casual vacancies in authorities

31. اختيارين جي ميمبر بابت تڪرار
Disputes about members of authorities
32. اختيارين جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر نہ ٿينديون
Proceedings of Authorities not invalidated by Vacancies
33. پهريان قانون
First Statutes
34. دائره اختيئر تي پابندي
Bar of jurisdiction
35. ضمانت
Indemnity
36. نظم و ضبط
Discipline
37. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1993

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1994

# انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر ايٽ ڪراچي آرڊيننس، 1993

# THE INDUS VALLEY SCHOOL OF ART AND ARCHITECTURE AT KARACHI ORDINANCE, 1993

[15 سيپٽمبر، 1993]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي ۾ انڊس ويلي اسڪول آف آرٽس اينڊ آرڪيٽيڪچر قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ هڪ اسڪول قائم ڪرڻو آهي جيڪو انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر طور ڄاتو ويندو، جنهن کي ڊگريون، ڊپلوماز، سرٽيفيڪٽس ۽ ٻين تعليمي خصوصيتن ڏيڻ جو اختيار ڏنو ويندو ۽ ٻين لاڳاپيل مامرن کي طئي ڪيو ويندو،

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري

تي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1. (1) هن آرڊيننس کي انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر ايٽ ڪراچي آرڊيننس، 1994 چيو ويندو.<br>(2) هيءُ 14 مئي 1993 کئن کان لاڳو سمجهيو ويندو. |
| وصفون<br>Definitions | 2. هن آرڊيننس جي موضوع يا مضمون جي خلاف نہ هجي تہ پوءِ<br>(i)"اڪيڊمڪ ڪاميٽي" مطلب اسڪول جي اڪيڊمڪ ڪاميٽي؛<br>(ii)"اٿارٽي" مطلب دفعہ 12 ۾ ڄاڻايل اسڪول جي اٿارٽي؛<br>(iii)"بورڊ" مطلب اسڪول جو بورڊ آف گورنرس؛<br>(iv)"چيئرمين" مطلب بورڊ آف گورنرس جو چيئرمين؛<br>(v)"ڊين" مطلب ڪنهن فيڪلٽيءَ جو اڳواڻ؛<br>(vi) "ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر" مطلب اسڪول جو انتظامي اڳواڻ؛<br>(vii) "فيڪلٽي" مطلب اسڪول جي فيڪلٽي؛<br>(viii) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛<br>(ix) "بيئن ڪيل" مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن موجب بيان ڪيل؛ |

(x) "اسڪول" مطلب انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر؛

(xi) "سوسائٽي" مطلب انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر جي سوسائٽي؛

(xii) "قانون، ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا.

## باب - I

## اسڪول

| | |
|---|---|
| اسڪول جو قيئم<br>Establishment of the School | 3.(1) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان ڪجھ وقت اڳ سوسائٽي طرفان هلندڙ اسڪول کي نئين سر جوڙي ۽ منظم ڪري قائم ڪيو ويندو، جنهن کي انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ ۽ آرڪيٽيڪچر سڏيو ويندو.<br>(2) اسڪول انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي ان ۾ ڪنهن ملڪيت کي حاصل ڪرڻ يا نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪو ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو. |
| اسڪول سڀن لاءِ کليل هوندو<br>School open to all | 4.اسڪول سڀني ماڻهن لاءِ کليل هوندو، پر انهن جو تعلق ڪنهن بہ جنس يا مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڊوميسائيل سان هجي، جيڪي اسڪول طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن ۾ تعليم وٺڻ لاءِ داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن بہ شخص کي فقط جنس، مذهب، طبقي، نسل، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي انڪار نہ ڪيو ويندو. |
| اسڪول جو مقصد | 5. (1) اسڪول جا مقصد علم کي ترقي وٺرائڻ ۽ علم |

**اختيار ۽ ڪم**
**The Purpose, Powers and functions of the School**

ڦهلائڻ هوندا انهيءَ سلسلي ۾ آرٽ، آرڪيٽيڪچر، منصوبابندي، هنرن، ڊزائنس ۽ لاڳاپيل شعبن ۾ تعليم، تربيت، تحقيق، تجرباتي ماحول ۽ خدمت اندر گريجوئيٽ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ سطح تي فراهم ڪئي ويندي.

(2) اسڪول مڪمل طور خودمختيار بادي هوندو، جنهن کي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي تعليمي معاملن هلائڻ جي مڪمل آزادي هوندي، خاص طور هيٺين معاملن ۾ آزادي هوندي:

(i) شاگردن کي چونڊڻ، داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ؛

(ii) پنهنجو الحاق ڪرڻ يا پاڻ کي ٻين ادارن سان جوڙڻ ۽ تعليم جي بهتري لاءِ پنهنجا ڪم ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس قائم ڪرڻ؛

(iii) جاٽايل طريقيڪار موجب منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون يا اعزاز ڏيڻ؛

(iv) پڙهائي جا ڪورسز جوڙڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جيئن طئي ڪيو ويو هجي؛

(v) تعليم، پروفيشنل تربيت ۽ تحقيق ۾ مدد ڪرڻ ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ؛

(vi) تعليمي ادارن کي الحاق ڪرڻ يا ڌار ڪرڻ ۽ اهڙن ادارن جي جاچ لهڻ يا پنهنجو پاڻ کي چونڊيل تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي ادارن سان جوڙڻ، انهن کي انهن جا ڪم ۽ ذميواريون نڀائڻ لاءِ جوڳيون خدمتون ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ اثرائتي تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي پروگرامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ پڙهائي جا طريقا ۽ حڪمت

عمليون طئي ڪرڻ؛
(vii) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ, اسڪول کي ڏنل گرانٽس, وصيتن, ٽرسٽس, تحفن, عطين, انڊومينٽس ۽ ٻين ڪنٽربيوشنز کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛
(viii) معاهدن, نيڪن ۽ انتظامن ۾ حڪومت, تنظيمن, ادارن, باڊيز ۽ فردن سان انهن جا ڪم ۽ ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ شامل ٿيڻ؛
(ix) اهڙيون فيس ۽ ٻيون وصوليون طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛
(x) مختلف باڊيز ۽ ڪميٽيز لاءِ ميمبر مقرر ڪرڻ جيئن بورڊ تدريسي ۽ هم نصابي سرگرمين جي سلسلي ۾ طئي ڪري؛
(xi) استادن ۽ انتظامي عملدارن ۽ اسٽاف جي ميمبرن جي مقرري ڪرڻ ۽ اهڙن عملدارن ۽ اسٽاف جا شرط ۽ ضابطا, اختيار ۽ ذميواريون بيان ڪرڻ؛
(xii) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ جيڪي ان جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن.

## باب - II

## اسڪول جا عملدار

اسڪول جا عملدار
Officers of the School

6.اسڪول جا هيٺيان عملدار هوندا :
(i) سرپرست؛
(ii) بورڊ آف گورنرس جو چيئرمين؛
(iii) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين؛
(iv) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر.

(v) ڊينس؛

(vi) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(vii) رجسٽرار؛ ۽

(viii) اهڙا ٻيا ماڻهو جن ۾ٻئين اسڪول جا عملدار ٿيڻ جو بيان ڪيو ويو هجي

**سرپرست**

**The Patron**

7.سنڌ جو گورنر اسڪول جو سرپرست هوندو.

**بورڊ آف گورنرس جو چيئرمين**

**Chairman of the Board of Governors**

8.(1) چيئرمين ناميارو شخص هوندو. جيڪو ڄاڻ جي ميدان ۾ خدمتن عيوض يا معاشري جي خدمت عيوض ڄاتل سڃاتل هوندو ۽ پنهنجي اعليٰ اخلاقي قدرن ۽ دانشوري ٻيهڪ طور پسنديده هوندو؛

(2) چيئرمين سرپرست طرفان بورڊ جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو؛

(3)چيئرمين، جڏهن موجود هجي، اسڪول جي ڪانووڪيشنز جي صدارت ڪندو.

(4) هر اعزازي ڊگري ڏيڻ لاءِ چيئرمين کان تصديق ڪرائڻي پوندي.

(5) جيڪڏهن چيئرمين مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون يا ڪنهن عملدار جا حڪم هن آرڊيننس جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نه آهن ته، اهو اهڙي اٿارٽي يا عملدار کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو ته ڇو نه اهڙين ڪارروايون کي لکت ۾ حڪم ذريعي ختم ڪيو وڃي. اهڙي ڪارروائي يا حڪمن کي

ختم ڪري سگهي ٿو.

(6) چيئرمين جي اهڙيءَ ريت عمل ڪرڻ کان غير موجودگيءَ جي صورت ۾ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، ايگزيڪيوٽو ڪيمٽي جو چيئرمين سندس جڳهہ تي ڪم ڪندو.

**معائنو**
**Visitation**

9.(1) چيئرمين اسڪول جي معاملن سان لاڳاپيل مسئلي جي جاچ ڪرائي سگهي ٿو ۽ اهڙو شخص يا شخصيتون مقرر ڪري سگهي ٿو. جيئن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب سمجهي.

(2) چيئرمين، ذيلي دفعہ (1) تحت رپورٽ ملڻ کانپوءِ، اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ وائيس چانسيلر اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

**ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين**
**The Chairman of the Executive Committee**

10.(1) ايگزيڪيوٽو ڪيمٽي جو چيئرمين، بورڊ طرفان ان جي ميمبرن منجهان مقرر ڪيو ويندو.

(2) ڪنهن بہ وقت جڏهن ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي چيئرمين جي آفيس خالي هوندي، يڏ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين غير حاضر هوندو يا بيماري سبب پنهنجي آفيس جا ڪم ڪرڻ جي لائق نہ هوندو يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري تہ بورڊ طرفان پيو نامزد ڪيل ماڻهو سندس ذميواريون نڀائيندو.

**ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر**
**The Executive Director**

11. (1) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر بورڊ طرفان ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو.

(2) ڪنهن بہ وقت جڏهن ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي آفيس خالي هوندي، يا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر غير حاضر هوندو يا ڪنهن سبب جي ڪري پنهنجي آفيس جا ڪم

ڪرڻ جي لائق نہ هوندو تہ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو جيئن اهو مناسب سمجهي.

(3) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اسڪول جو مک تعليمي ۽ انتظامي آفيسر هوندو ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن، بورڊ جي هدايتن، ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي فيصلي ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان سونپيل اسڪول جي حڪمت عملين ۽ پروگرامن تي بهتر نموني عمل درآمد جو ذميوار هوندو.

(4) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو، جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، انهيءَ قدم بابت عملدار، اٿارٽي يا ٻي باڊي کي رپورٽ ڪندو جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(5) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان تضاد کانسواءِ، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر کي هيٺيان اختيار پڻ حاصل هوندا:

(a) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سمورو خرچ منظور ڪرڻ ۽ خرچ جي ساڳي مد ۾ فنڊس کي خرچ ڪرڻ؛

(b) اسڪول جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ اسڪول جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي ضروري سمجهي؛

(c) اهڙين شرطن موجب جيڪڏهن ڪا هجي، جيئن بيان

ڪيو ويو هجي، هن آرڊيننس تحت پنهنجا ڪي به اختيار اسڪول جي ڪنهن عملدار يا ٻئي ملازم کي منتقل ڪرڻ؛
(d) اهڙين ڪيٽيگريز لاءِ ملازم مقرر ڪرڻ، جن جي سلسلي ۾ بورڊ طرفان ڪيس اختيار منتقل ڪيا ويا هجن؛
(e) اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ ۽ ڪم سرانجام ڏيڻ، جيئن ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان وقت بوقت سونپيا وڃن.

## باب - III

## اسڪول جون اٿارٽيز

اٿارٽيز
Authorities

12. اسڪول جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:
(i) بورڊ آف گورنرس؛
(ii) ايگزيڪيوٽو ڪيمٽي؛
(iii) اڪيڊمڪ ڪميٽي؛
(iv) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي ؛
(v) اهڙيون ٻيون اٿارٽيز جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف گورنرس
Board of Governors

13.(1) عام نظرداري ۽ اسڪول جي معاملن جو ضابطو ۽ ان جي پاليسيز جوڙڻ جو اختيار بورڊ وٽ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:
(a) چيئرمين؛
(b) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو جج؛
(c) تعليم کاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري؛
(d) چيئرمين، اسڪول گرانٽس ڪميشن، يا ان طرفان نامزد ڪيل ڪميشن جو ڪل وقتي ميمبر؛
(e) چيئرمين طرفان نامزد ڪيل سوسائٽي جي بورڊ آف

گورنرس جا سمورا ميمبر.

(2) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس پاران شق (b) تحت پڻ اسڪول گرانٽس ڪميشن جي چيئرمين طرفان شق (d) تحت يا چيئرمين طرفان شق (e) تحت نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ عهدو رکندو جيستائين اهو ان کان اڳ ميمبريءَ تان استعيفيٰ نه ڏئي يا ڪيس نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان سندس جڳهه تي ٻي نامزدگي نه ڪئي وڃي.

(3) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(4) بورڊ جو ڪو قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نه هوندو.

(5)نامزد ڪيل ميمبر جي عارضي آسامي اٿارٽي طرفان پري ويندي، جنهن اٿارٽي طرفان ميمبر کي نامزد ڪيو ويو هيو.

**بورڊ جا اختيار ۽ ڪم**
**Powers and Functions of the Board**

14.(1) خاص طور تي ۽ دفعه 13 جي ذيلي دفعه (1) جي گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، بورڊ هيٺين ريت اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏيندو:

(a) اسڪول جي ملڪيت، فنڊس، اثاثن ۽ وسيلن کي سنڀالڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(b) اسڪول طرفان منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت جي منتقلي ڪرڻ ۽ منتقلي قبول ڪرڻ؛

(c) تعليمي ادارن سان الحاق ڪرڻ ۽ ڊار ٽيڻ؛

(d) ايگزڪيوٽو ڪميٽي جي مشوري سان ساليانو بجيٽ ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ يا مالي معاملن سان رولز آف بزنس ۾ رهنمائي ڪرڻ؛

(e) اسڪول جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(f) اسڪول جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪيمون شروع ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(g) طريقو طئي ڪرڻ ۽ قبضي کي قائم ڪرڻ ۽ اسڪول جي عام مهر استعمال ڪرڻ؛

(h) پيشيورانه، تحقيقي ۽ انتظامي آسامي پيدا ڪرڻ ۽ اهڙيون ٻيون آسئميون پيدا ڪرڻ جيڪي اسڪول جئ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن. اهڙيون آسئميون ملتوي ڪرڻ يا ختم ڪرڻ؛

(i) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي سفارش تي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ۽ رجسٽرار مقرر ڪرڻ؛

(j) بيان ڪيل جاچ ۽ دفاع جي طريقيڪار ڪانپوءِ اسڪول ملازمن کي معطل ڪرڻ، سزا ڏيڻ يا نوڪري مان برطرف ڪرڻ، جن کي مقرر ڪرڻ جو ان کي اختيار آهي؛

(k) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي سفارش تي ضابطن ۽ قاعدن جي منظوري ڏيڻ؛ ۽

(l) اسڪول سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي طئي ڪرڻ، هلائڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ سمورا ضروري اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي خاص طور تي هن آرڊيننس، قئنون، ضابطن يا قاعدن ۾ بيان ناهن ڪيا ويا.

(2) بورڊ پنهنجي اختيارن منجهان ڪي به ڪنهن اٿارٽي يا عملدار يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي حوالي ڪري سگهي ٿو.

**بورڊ جي گڏجاڻي**
**Meeting of the**

15.(1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا گڏجاڻي ڪندو. اهڙين تاريخن تي جيڪي چيئرمين طرفان طئي ڪيون

| | |
|---|---|
| Board | ويندا. بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن به وقت چيئرمين جي هدايت تي ڪوٺائي سگهجي ٿي يا ضروري نوعيت جي معاملي تي غور ڪرڻ لاءِ بورڊ جي ميمبرن جي درخواست تي جيڪي چئن کان گهٽ نه هجن.<br>(2) خاص گڏجاڻيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڏينهن جو نوٽيس بورڊ جي ميمبرن کي ڏنو ويندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا مخصوص ڪئي ويندي ان معاملي لاءِ جنهن لاءِ خاص گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.<br>(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي هڪ پاڱي تي برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.<br>(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي بنياد تي ۽ ووٽنگ ذريعي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃن ته چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو. جيڪو استعمال ڪندو. |
| ايگزيڪيوٽو ڪميٽي<br>The Executive Committee | 16. (1) هن آرڊيننس جي گنجائشن. قانونن. ضابطن يا قاعدن موجب ۽ بورڊ جي عام ۽ خاص هدايتن موجب. ايگزيڪيوٽو ڪميٽي اسڪول جي انتظامن لاءِ ۽ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بورڊ جي حڪمت عملين ۽ هدايتن تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ ذميوار هوندي.<br>(2) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي اهڙا اختيار استعمال ڪندي جيڪي بورڊ طرفان وقت بوقت ان کي سونپيا وڃن.<br>(3)ايگزيڪيوٽو ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:<br>(a)دفعه (1)10 تحت مقرر ڪيل چيئرمين: |

(b) بورڊ طرفان نامزد ڪيل بورڊ جو هڪ ميمبر؛
(c) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر؛
(d) سوسائٽي جي ميمبرن منجهان بورڊ طرفان ٽي ماڻهو نامزد ڪيا ويندا؛
(e) ٽي ماڻهو مٿي ڏنل (a) کئون (d) تائين شقن ۾ ڄاڻايل ميمبرن طرفان سوسائٽي جي ميمبرن منجهان مقرر ڪيا ويندا، جن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ آرڪيٽيڪٽ ۽ هڪ آرٽسٽ/ڊزائينر هوندو؛
(4) شق (d) يئه (e) تحت نامزد ڪيل يا مقرر ڪيل ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندو ۽ ٻيهر نامزدگي يا مقرري لاءِ اهل هوندو، جيئن معاملو هجي، جيستائين اهو اڳ ۾ ميمبريءَ تان استيعفيٰ نہ ڏئي يا ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ بنا موزون سبب ڄاڻائڻ جي يا بنا موڪل جي حاضر رهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، يا اٿارٽي طرفان سندس جڳهہ تي ڪو ٻيو ماڻهو نامزد يا مقرر ڪيو وڃي ٿو، جنهن ڪيس نامزد يا مقرر ڪيو هو.
(5) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي هر ٻن مهينن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اهڙين تاريخن تي گڏجاڻي ڪندي، جيئن ان جو چيئرمين طئي ڪري، بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڪو هنگامي معاملو غور هيٺ آڻڻ لاءِ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن طرفان درخواست تي ڪوٺائي ويندي، جن جو انگ ٽن کان گهٽ نہ هجي.
(6)اهڙي ڪنهن درخواست ۾ گڏجاڻيءَ جو تجويز ڪيل مقصد ضرور بيان ڪيل هجڻ گهرجي، ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين گهٽ ۾ گهٽ ستن ڏينهن اندر

ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي گڏجاڻي ڪوٺائيندو ۽ گڏجاڻي جنهن خاص مقصد لاءِ ڪوٺائي وئي آهي ان جي ايجنڊا مخصوص ڪئي ويندي.

(7)ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

(8)رجسٽرار ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

اڪيڊمڪ ڪميٽي
Academic Committee

17.(1) اڪيڊمڪ ڪميٽي اسڪول جي اعليٰ ترين اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، ان کي تدريس، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ اسڪول جي اڪيڊمڪ لائيف کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي کي اڪيڊمڪ معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) شاگردن جي پڙهائي ۽ امتحانن جي ڪورسز ۾ داخلا ڏيڻ؛

(c) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سڌزي لاءِ اسڪيمون آڇڻ؛

(d) اسڪول ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقي لاءِ آڇن تي غور ڪرڻ ۽ آڇون جوڙڻ؛

(e) سمورن تدريسي شعبن لاءِ پڙهائي جو ڪورس ۽ نصاب جوڙڻ؛

(f) پين اسڪولن، ڪاليجن ۽ اسڪولن يا امتحاني باڊيز جي امتحانن کي اسڪول جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(g) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي کي پيش ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(h) اهڙا پيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان ان کي سونپيا وڃن.

(3) اڪيڊمڪ ڪميٽي هينين تي مشتمل هوندي:

(a) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) ڊين؛

(c) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(d) چار ناميارا ماڻهو ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان نامزد ڪيا ويندا، جن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ آرڪيٽيڪٽ، هڪ آرٽسٽ ۽ هڪ ڊزائينر هوندو.

(4) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ عهدو رکندو ۽ پيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندو، جيستائين اٿارٽي طرفان سندس نامزدگي تبديل نہ ڪئي وڃي، جنهن ان کي نامزد ڪيو هو.

(5) نامزد ڪيل ميمبر جي آسامي خالي ٿي ويندي جيڪو اهو اڪيڊمڪ ڪميٽي جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ بنا موزون سبب ڄاڻائڻ جي يا بنا موڪل جي حاضر رهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو.

(6) اڪيڊمڪ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرس جي اڌ برابر هوندو ۽ ان جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

(7) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر تدريسي شعبي جو چيئرمين نامزد ڪندو، جيڪو اڪيڊمڪ ڪميٽي جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

**ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي**
**Finance and Planning Committee**

18. (1) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) ساليانو اڪائونٽ اسٽيٽ مينٽ تي غور ڪرڻ ۽ ساليانو ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ بورڊ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) اسڪول جي مالي حيثيت جو سلسليوار جائزو وٺڻ؛

(c) بورڊ کي منصوبابندي، ترقي، ڏراوتن جي سيڙپڪاري ۽ اسڪول جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ؛

(d) ٿوري مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ؛

(e) اسٽاف ۽ ريسورسز ڊولپمينٽ منصوبا تيار ڪرڻ؛

(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن، يا جيڪي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان سونپيا وڃن.

(2)ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) چيئرمين بورڊ طرفان ان جي ميمبرن منجهان نامزد ڪيو ويندو.

(b) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جا ٻه ميمبر نامزد ڪيا ويندا.

(c) ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر.

(d) ڊينس.

(e) هڪ پروفيشنل چارٽرڊ اڪائونٽنٽ يا پروفيشنل بئنڪر ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان نامزد ڪيو ويندو.

(3) شق (b) تحت نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رڪندو ۽ ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندو جيستائين اڳ ۾ استعيفيٰ نه ڏئي يا ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ بنا موزون سبب ڄاڻائڻ جي يا بنا موڪل جي غير حاضر رهي يا بورڊ يا ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان سندس ميمبري ختم ڪئي وڃي، جيئن معاملو هجي.

(4) شق (e) تحت نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رڪندو جيسستائين اهو اڳ ۾ استعيفيٰ نه ڏئي يا ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان سندس نامزدگي تبديل نه ڪئي وڃي.

(5) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

(6) رجسٽرار ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, Functions and Powers of other Authorities

19. اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار جن لاءِ ڪا خاص گنجائش ناهي يا اڻپوري گنجائش هن آرڊيننس ۾ جوڙي وئي آهي ته اها اهڙيءَ ريت هوندي، جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

| | |
|---|---|
| 20. بورڊ، ايگزيڪيوٽو ڪميٽي، اڪيڊمڪ ڪميٽي، ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي ۽ ٻيون اٿارٽيز اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل، ايڊوائيزري ۽ ذيلي ڪميٽيون مقرر ڪري سگهن ٿيون جيڪي پنهنجي ڪمن جي بهتريءَ لاءِ فائديمند سمجهن. | اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري<br>Appointment of Committees by the Authorities |

## باب - IV

## قانون، ضابطا ۽ قاعدا

| | |
|---|---|
| 21.(1) هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب، سمورن يا هيٺين ۾ ڪنهن به معاملي ڪي هلائڻ لاءِ قانون جوڙي سگهجن ٿا: | قانون<br>Statutes |

(a) اسڪول جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا جوڙڻ، بشمول پي اسڪيل، پينشن جي جوڙجڪ، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ ٻين لاڳاپيل فنڊن جي؛

(b) استادن، محققن ۽ عملدارن جي ڪانٽريڪٽ تي مقررين جا شرط ۽ ضابطا؛

(c) فيڪلٽيز، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(d) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(e) شرط جن تحت اسڪول ٻين سرڪاري يا نجي تنظيمن سان هدايتن، تحقيق ۽ ٻين علمي سرگرمين جي انتظامن ۾ شامل ٿي سگهي ٿي؛

(f)) اسڪول جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط؛

(g) اسڪول جون ملڪيتون ۽ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛ ۽

(h) هن آرڊيننس تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻ يا هلائڻا آهن.

(2) قانونن جو ڊرافٽ بورڊ طرفان ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو.

(3) بورڊ کي منظوري لاءِ اماڻيل قانونن کي قبول ڪرڻ، يا انهن کي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ڏانهن نظرثاني لاءِ واپس اماڻڻ جو اختيار هوندو.

(4) ڪو به قانون موثر نه هوندو، جيستائين چيئرمين طرفان منظور نه ڪيو وڃي.

**ضابطا**
Regulations

22. (1) هن آرڊيننس جي گنجائش ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(a) پڙهائي ۽ تحقيق جون اسڪيمون، بشمول ڪورسز جي عرصي، مضمونن جي انگ يا امتحانن لاءِ پيپرز جي؛

(b) ڊگريون، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽس ڏانهن وٺي ويندڙ پڙهائي ۽ تحقيقي پروگرامن جا نصاب ۽ ڪورسز؛

(c) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ انهن جي نظرداري، ممتحن جي مقرري، چنڊ ڇاڻ، نتيجا ڪڍڻ ۽ انهن کي پڌرو ڪرڻ؛

(d) مختلف ڪورسز، امتحانن ۽ هاسٽلس ۾ داخلا لاءِ فيس طئي ڪرڻ ۽ اوڳاڙڻ؛

(e) شاگردن ۾ نظم و ضبط پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي ڀلائي جون اسڪيمون جوڙڻ؛

(f) فيلوشپس، اسڪالر شپس، انعام، ميڊلز، اعزازيه ڏيڻ ۽

شاگردن ۽ تحقيقي عالمن جي ﭜي مالي مدد ڪرڻ؛

(g) ڪانووڪيشن منعقد ڪرڻ ۽ اڪيڊمڪ ڪاسٽيومز جي بيهڪ؛

(h) شاگردن جي رهائش جا شرط، جيڪڏهن ۽ جيئن اسڪول طرفان انتظام ڪيا وڃن؛

(i) لائبريري جو استعمال؛ ۽

(j) ٻيا سمورا تعليمي معاملا جيڪي هن آرڊيننس، يئ قئنونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.

(2) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي کي ان کي فراهم ڪيل ضابطن کي منظور ڪرڻ يا انهن کي اڪيڊمڪ ڪميٽي ڏانهن نظرثاني لاءِ واپس اماڻڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(3) ڪو به ضابطو تيستائين موثر نه هوندو جيستائين ان جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان منظوري نه ڏني وڃي ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي چيئرمين طرفان صحيح نه ڪئي وڃي.

| | |
|---|---|
| 23. (1) اختياريون ۽ اسڪول جون ٻيون باڊيز هن آرڊيننس، اسٽيچوٽس ۽ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ هن سئن لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون؛ | قاعدا<br>Rules |

(2) بورڊ اسڪول سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿو، جيڪي هن آرڊيننس تحت، خاص طور تي قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان نه ڪيا ويا هجن.

## ﭔئب - VI

## اسڪول فنڊ

| | |
|---|---|
| 24.(1) اسڪول کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ ان جي فيس، | اسڪول فنڊ، آڊٽ ۽ |

اڪائونٽس
The School Fund, Audit and Accounts

عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.

(2) اسڪول جو ڪيپيٽل ۽ ڪرنٽ خرچ ان جي ڪمائي ۽ فائونڊيشن طرفان ڪيل مدد ۽ ڪنهن ٻئي وسيلي، بشمول ٻين فائونڊيشنز، اسڪولز ۽ فردن جي ۽ اهڙي وسيلي کان حاصل ڪيل رقم ذريعي هلايو ويندو.

(3) ڪا به مدد، چندو يا گرانٽ جيڪا سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪا فوري طور يا ان جي نتيجي ۾ اسڪول تي مالي ذميداري وجهي، يا جيڪا وقتي طور پروگرامن کان ٻاهر سرگرمين ۾ شامل هجي اهڙي رقم ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ قبول نه ڪئي ويندي.

(4) اسڪول جا اڪائونٽس اهڙي طريقي رکيا ويندا، جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو وڃي ۽ اسڪول جي هر مالي سال جي ختم ٿيڻ کان چار مهينن اندر بورڊ طرفان مقرر ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽ طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(5) اڪائونٽس، آڊيٽر جي رپورٽ سان گڏ، بورڊ کي منظوري لاءِ پيش ڪيا ويندا.

## باب - VI

## عام گنجائشون

ملازمت تان رٽائرمينٽ
Retirement from Services

25. اسڪول جو ڪو ملازم ملازمت تان رٽائر ڪندو:

(i) اهڙي تاريخ تي، جڏهن هن ملازمت جا پنجويهه سال مڪمل ڪيا هجن، ان کانپوءِ اهو پينشن يا ٻين رٽائرمينٽ جي فائدن لاءِ اهل هوندو، جيئن مجاز اختياري هدايت ڪري؛ بشرطيڪ ڪنهن به ملازم کي تيستائين رٽائر نه ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙي قدم کڻڻ جي حقيقتن

ڪان آگاهہ نہ ڪيو وڃي ۽ ان کي ان قدم خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نہ ڏنو وڃي، يا

(ii) جتي متي ڄاڻايل شق (i) موجب ڪا هدايت نہ ڪئي وئي آهي، تہ سٺ سال عمر جي مڪمل ٿيڻ تي.

سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to show cause

26. سواءِ ان جي تہ ڪو عملدار، استاد يا اسڪول جو پيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جي رينڪ گهٽائي نہ ويندي يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

اپيل ۽ بورڊ طرفان نظرثاني
Appeal to and Review by the Board

27. (1) جتي اسڪول جي ڪنهن ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي يا ان جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن ۾ ڄاڻايل موجب تبديل ڪيو وڃي يا ان جي نقصان جي ترجماني ڪري، ان کي، جتي حڪم ڪنهن عملدار يا اسڪول جي استاد طرفان جاري ڪيو ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف بورڊ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو، جتي حڪم بورڊ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، ان کي ان اختياري کي حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ درخواست جو حق حاصل هوندو.

(2)نظرثاني لاءِ اپيل چيئرمين، ايگزيڪيوٽو ڪميٽي کي جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي خيالن ۽ ڪيس جي رڪارڊ سان گڏ بورڊ جي سامهون رکندو.

(3) اپيل ۽ نظرثاني تي ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو، جيستائين اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار، جيئن معاملو هجي، کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

پينشن، انشورنس،

28. (1) اسڪول ملازمن جي ڀلائي لاءِ ۽ شرطن موجب

**گريچوئٽي، پروويڊنٽ ۽ بينيوولينٽ فنڊ**
**Pension, insurance, gratuity, provident and benevolent fund**

جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) جتي ڪو پروويڊنٽ فنڊ هن آرڊيننس تحت قائم ڪيو ويو هجي، پروويڊنٽ فنڊس ايڪٽ، 1925 جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿينديون.

**اختيارين جي ميمبرن جي مدي جي شروعات**
**Commence of term of members of authorities**

29. جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن آرڊيننس تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**اختيارين ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي**
**Filling of casual vacancies in authorities**

30. ڪنهن اٿارٽي جي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرن مان ڪنهن جي عارضي ميمبريءَ واري آسامي خئلي ٿئي ته ان کي ان شخص يا باڊي طرفان جنهن ان ميمبر کي مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد ٿي سگهي ڀريو ويندو ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽي جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو، جنهن شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي جو ميمبر ٿيو آهي:

بشرطيڪ جتي اٿئرٽي ۾ ڪا آسامي هجي، سواءِ بورڊ جي، اها ان سبب جي ڪري ڀري نه ويندي ته ميمبر ايڪس

آفيشو هيو، ۽ آفيس ختم ڪئي وئي هجي، يا تنظيم، ادارو يا ڪا ٻي باڊي، سواءِ يونيورسٽي جي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم ڪان روڪي وئي هجي، يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي آسامي اهڙيءَ ريت پري ويندي جيئن چيئرمين بورڊ جي سفارش تي هدايت ڪري.

**اختيارين جي ميمبر بابت تڪرار**
**Disputes about members of authorities**

31. (1) جيستائين ڪجهه هن آرڊيننس جي متضاد نه هجي، ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا مقرر ڪيل ڪو شخص ڪنهن اٿارٽي جو ميمبر نه رهندو اگر هن حيثيت خراب ڪئي هجي، جنهن لاءِ اهو نامزد يا مقرر ڪيو ويو هجي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اٿارٽي جي ميمبر ٿيڻ تي ڪو سوال اٿاريو وڃي ٿو، ته معاملو چانسيلر، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جو جج، جيڪو بورڊ جو ميمبر آهي ۽ چانسيلر جو نامزد ڪيل آهي، انهن تي ٻڌل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

**اختيئرين جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر نه ٿينديون**
**Proceedings of Authorities not invalidated by Vacancies**

32. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو فقط ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ نقص يا اٿارٽي جي ميمبر جي مقرري ۽ نامزدگي ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نه هوندو.

پهريئن قئنون
First Statutes

33. جيستائين ڪجهہ هن آرڊيننس جي متضاد نہ هجي، بورڊ پهريان قانون نافذ ڪندو. جيڪي تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي يا هن آرڊيننس تحت جوڙيل قانونن سان تبديل نہ ڪيو وڃي.

دائره اختيار تي پابندي
Bar of jurisdiction

34. هن آرڊيننس تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نہ هوندو.

ضمانت
Indemnity

35. هن آرڊيننس تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، اسڪول يئڊ ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا اسڪول يئڊ ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

نظم و ضبط
Discipline

36. اسڪول کي اسڪول ۽ ادارن جي شاگردن جي نظم و ضبط تي ڄاٽايل طريقيڪار موجب نظرداري ڪرڻ جو اختيار ۽ ضابطو هوندو.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

37. جيڪڏهن هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ تي ڪنهن اختياري جي جوڙجڪ يا ٻيهر جوڙجڪ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي يئڊ هن آرڊيننس جي گنجائشن کي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، چيئرمين اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**